# پارن لاء بائبل
تحفو

# پولس جو
# شاندار سفر



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

پولس ۽ سيلاس، يسوع جا خادم، جيل ۾
هئا. نه، هنن کو به غلط ڪم
نه ڪيو هو، هنن هڪ عورت
مان پوت ڪڍيو هو. اهي بت
پرست ماڻهن کي سچي خُدا ۽
سندس فرزند يسوع جي قدرت
ڏيکارين ٿا، جيڪو فلپي ۾
رهندو هو.
ان لاءِ کيس
گرفتار ڪيو
ويو، ماريو ويو
۽ قيد ڪيو ويو.







توهان پولس ۽ سيلاس ڪي
ڪاوڙيل ۽ ناراض ٿيڻ
جي اميد ڪندا هوندا. پر
اهي نه هئا. حقيقت ۾،
رات جو، هو خُدا جي
حمد ۽ وڪاڻ ڪرڻ لاء
ويٺا هئا، باقي سڀني قيدين
۽ دروغي هن ڪي ٻڌو.

اوچتو حمد بند ٿي وئي. خُدا هڪ زلزلو موڪلي ٿو ته جيل کي لوڏي. سڀ دروازا کُلي وندا آهن، سڀني جا زنجير کلي وندا آهن.





هاي، هاي! دروغي کي
پڪ هئي ته سڀ قيدي
افراتفري ۾ ڀڄي ويا هوندا.
جيڪڏهن هڪ به بچي
وڃي ته دروغي کي موت
جي سزا ڏني ويندي.
مايوس ٿي، غريب
دروغو پنهنجي تلوار
ڪڍي ٿو. هو پاڻ کي
بچائڻ لاءِ مارڻ لڳو.

پر پولس سڏي چيو تہ "پنھنجي پاڻ کي کو بہ نقصان نہ کر، ڇالاءِ جو اسين سڀ ھتي آھيون." درغو اھو ڏسي چيو تہ "سائين، مون کي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گھرجي؟" تنھنکري چيائون تہ "خُداوند يسوع مسيح تي ايمان آڻيو، تہ تون ۽ تنھنجي گھر وارن کي ڇوٽڪارو ملندو." خوشيءَ سان، دروغي ايمان آندو.





بئي ڏينهن، آزاد ٿيڻ کان پوءِ،
پولس ۽ سيلاس ٻين ڪيترن ئي
شهرن ڏانهن ويا، ماڻهن کي
يسوع بابت ٻڌايو. جيئن ئي
ڪجهه ماڻهو ايمان آڻيندا آهن،
ٻيا انهن کي نقصان پهچائڻ جي
ڪوشش ڪندا آهن. پر خُدا
پنهنجي ٻانهن سان گڏ هو. هڪ
رات، پولس ڪلاڪن تائين تبليغ
ڪري ٿو. هڪ نوجوان ڪليل
دريءَ وٽ ويٺي سمهي پيو.
توهان اندازو لڳائي سگهو
ٿا ته اڳتي ڇا ٿيو هوندو.

سپني کي خبر هئي ته
نوجوان مري ويو آهي. پر
پولس هيٺ لهي ويو ۽ کيس
ڀاڪر پائي چيائينس تہ
"هن جي جان هن ۾ آهي."
انهن جوان کي جيئرو آندو،
۽ ڏاڍا خوش ٿيا.



پولس ۽ سيلاس يورپ ۾ گهمڻ دوران ڪيترائي خطرن مان نڪتا. پولس جي وڏي ۾ وڏي مهم جو هڪ واقعو ٿيو جڏهن هو هڪ ٻيڙيءَ تي هو. اهي اسٽيل ساموندي جهاز نه هو، پر ساموندي ٻيڙيون، آساني سان طوفاني موسم ۾ چوڌاري ڦري وڃڻ واري هُئي.





پولس ٻيڙي تي هو ڇو ته هو پيهر گرفتار ڪيو ويو هو. هاڻي هن کي دنيا جي راڄڌاني روم جي شهنشاهه آڏو پيش ٿيڻو هو. تيز هوائون جهاز کي سست ڪن ٿيون. لڳي پيو ته طوفاني موسم اچي رهي آهي. اهو پولس ۽ ٻين قيدين ۽ ملاحن لاءِ وڏو خطرناڪ سفر هو.

"اي صاحبو! مون کي خبر آهي
ته هن سفر ۾ ڏک ۽ نقصان تمام
گهڻو هوندو." پولوس خبردار
ڪري ٿو. ڪپتان ان ڳالهه تي
ڌيان نه ٿو ڏئي. اهي
ٻاهر سمنڊ ۾
نڪري ويندا آهن.



جڏهن ڪو وڏو طوفان مٿن اچي ٿو، ته هو ان اميد ۾ رسي کي ڳنڍي ڇڏيندا آهن ته جيئن ان کي ٽٽڻ کان بچائي سگهجي. جيڪڏهن بيڙو پچي ته اها هر ڪنهن لاءِ پاڻيءَ واري قبر بڻجي ويندي.



بيڙو وڏي طوفان ۾ هو ته ڪپتان سپني کي چوي ٿو ته بيڙي کي هلڪو ڪرڻ ۾ مدد ڪريو. ٿئين ڏينهن تي، اهي بيڙيءَ جا لنگر لاهي ڇڏيندا آهن ته ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪجھ ڪم اچي.



رات جي وقت، هڪ فرشتو پولس جي پرسان بيٺو هو ڪيس
ٻڌايو ته شيون ٺيڪ ٿي وينديون. ٻين کي همٿايو ويو جڏهن
پولس چيو، "ماڻهو، دل رکو، ڇو ته مون کي خُدا
تي يقين آهي ته اهو ائين ئي ٿيندو جيئن مون
کي ٻڌايو ويو آهي، تنهن
هوندي، اسان کي هڪ
خاص ٻيٽ
تي پڇڙ
گهرجي."



چند ڏينهن بعد، جهاز مالٽا جي جزيري جي ويجهو وڃين ٿوٺي ويو. هو پٿريلي جبلن سان ٽڪرائجي پاش پاش ٿي ويو ڪپتان اُنهن کي حُڪم ڏئي ٿو جيڪو تيري سگهين ٿا اُهي پهرين خُشڪي تي هليا وڃڻ. باقي به، ڪُجهه تختن تي ۽ ڪُجهه بيڙي جي ٽُوٽل ٽُڪرڻ تي بحفاظت بچي وياء.



مالٽا ۾، خُدا پنهنجي طاقت ڏيکاري ٿو. جيئن اهي باهہ لاءِ ڪاٺيون گڏ ڪري رهيا هئا، تڏهن هڪڙو نانگ پولس کي چڙهيو. پر نانگ جي ڪڙي سان کو به نقصان نہ ٿيندو آهي. پوءِ ماڻهو سمجهن ٿا تہ پولس هڪ ديوتا آهي. ڪيترائي بيمار ماڻهو اچن ٿا ۽ جڏهن پولس انهن لاءِ دعا گهري ٿو، خُدا انهن کي شفا ڏيندو آهي.



آخرڪار، پولس روم ۾ پهتو. سندس عدالتي ڪيس ۾ ٻه سال لڳي ويا. ان عرصي دوران، پولس هڪ گهر ڪرائي تي ڏنو ۽ سياحن کي وصول ڪيو. ڇا توهان کي خبر آهي ته پولس پنهنجي ساٿين کي ڇا ٻڌايو؟ خُدا جي بادشاهي! اي خُداوند عيسيٰ مسيح! پولس روم ۾ خُدا جو خادم هو، جيئن هن جي ٻين سڀني سفرن ۾.



"مون سٺي جنگ وڙهي آهي، مون پنهنجي ڊوڙ کي پورو ڪيو. مون پنهنجي ايمان کي برقرار رکيو آهي،" روم مان پولس لکي ٿو. بائبل اسان کي اهو نٿو ٻڌائي ته هن جي زندگي ڪيئن ختم ٿي، پر ٻيون ڳالهيون اسان کي ٻڌائي ٿو ته پولس



# پولس جو شاندار سفر

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

رسولن جا ڪم ١٦، ٢٧، ٢٨

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏئي ٿو."
زبور 119: 130

ختم

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۀ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاء مري ويوۀ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.